SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1979

سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ آرڊيننس، 1979

THE SINDH CIVIL SERVANTS WELFARE FUND ORDINANCE, 1979

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، شروعات ۽ آپريشن
Short title, commencement and operation

2. وصفون
Definitions

3. ويلفيئر فنڈ
Welfare Fund

4. حصي جي ادائگي
Payment of contribution

5. فنڈ جو استعمال
Utilization of fund

6. ويلفيئر بورڈ جي جوڙجڪ ۽ ان جا اختيار
Constitution and powers of the Welfare Board

7. ڊويزنل ويلفيئر بورڈ

Divisional Welfare Board

8. انشورنس کمپني سان انتظام

Arrangements with insurance company

9. قاعدا

Rules

10. منسوخي

Repeal

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1979

سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ آرڊيننس، 1979

THE SINDH CIVIL SERVANTS WELFARE FUND ORDINANCE, 1979

[22 مارچ 1979]

آرڊيننس جنهن ذريعي سرڪاري ملازمن ۽ انهن جي ڪٽنبن کي مالي تحفظ ۽ مدد فراهم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سرڪاري ملازمن ۽ انهن جي ڪٽنبن کي مالي تحفظ ۽ مدد فراهم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان، شروعات ۽ آپريشن Short title, commencement and operation

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڈ آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ اهڙي تاريخ کان جيڪا حڪومت ان سلسلي ۾ مقرر ڪري.

(3) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن بہ گريڊ جي ملازم کي هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان بري رکي سگهي ٿي.

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين مفهوم ڪجهه ٻيو نه طلب ڪري، هيٺين اظهارن جي معنيٰ اها ورتي ويندي جيڪا هيٺ ترتيبوار ڏني وئي آهي:	وصفون Definitions
(a) "سرڪاري ملازم" مطلب سرڪاري ملازم جيئن سنڌ سول سرونٽ ايڪٽ، 1973 ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛	
(b) "ڪٽنب" مطلب هڪ سرڪاري ملازم جو ڪٽنب، جنهن ۾ شامل آهن هن جا:	
(i) زال (يا زالون)، جيڪڏهن ٻيواهه (يا ٻيواهون) يا مڙس، جيئن به معاملو هجي؛	
(ii) حقيقي ٻار بشمول ويڳا ٻار، يعني، غير شادي شده ڌيئر، ۽ پٽ جيڪي ويهه سال کان وڌيڪ عمر جا نه هجن، جيڪڏهن ساڻس گڏ رهندا هجن ۽ سڃا سارا مٽس پاڻيندڙ هجن؛ ۽	
(iii) والدين، غير شادي شده ڀينر، نابالغ ڀائر ۽ فوت ٿي ويل پٽ جا ٻار، جيڪڏهن ساڻس گڏ رهندا هجن ۽ مڪمل طور مٽس پاڻيندا هجن.	
(c) "فنڈ" مطلب دفعه 3 تحت قائم ڪيل فنڈ؛	
(d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛	
(e) "گريڊ" مطلب قومي اسڪيل جنهن تحت حڪومت طرفان پگهار جاري ٿيندي هجي، جنهن ۾ هڪ عهدو يا عهدن جو گروپ رکيو ويو هجي؛	
(f) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت قاعدن موجب بيان ڪيل.	
3. (1) هڪ فنڈ قائم ڪيو ويندو جنهن کي سنڌ سول	ويلفيئر فنڈ

سرونٽس ويلفيئر فنڊ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ ۾ن حصن تي مشتمل هوندو. هڪ سرڪاري ملازم جيڪي گريڊ 16 ۽ ان کان مٿي هوندا ۽ ٻيو سرڪاري ملازمن لاءِ جيڪي گريڊ 15 ۽ ان کان هيٺ هوندا ۽ هر حصي کي ڌار ڌار رکيو ۽ سنياليو ويندو.

(3) فنڊ جي هر حصي ۾ شامل هوندا:

(a) دفعہ 4 تحت 16 گريڊ ۽ ان کان مٿي جي ملازمن طرفان ڏنل رقم حصي I جي صورت ۾ ۽ 15 گريڊ ۽ ان کان هيٺ ملازمن پاران حصي II جي صورت ۾؛

(b) حڪومت طرفان ڏنل رقم؛

(c) فنڊ جي رقم تي حاصل ٿيندڙ منافعو ۽ وياج.

(4) فنڊ جون رقمون اهڙي بئنڪ يا بئنڪن ۾ رکيون ويندیون، جيئن حڪومت هدايت ڪري.

امداد جي ادائگي
Payment of contribution

4. (1) سرڪاري ملازم فنڊ ۾ ڏنل رقم موجب اهڙيءَ ادائگي جو مستحق هوندو، جيئن بيان ڪيل هجي، ۽ اهڙي رقم جيتري ممڪن هجي سندس پگهار مان ڪاٽي ويندي ۽ فنڊ ۾ جمع ڪئي ويندي.

(2) جتي رقم ڪنهن سبب جي ڪري سرڪاري ملازم جي پگهار مان نہ ڪاٽي وڃي، هي واجب الادا رقم بيان ڪيل عملدار کي ادا ڪندو.

(3) جتي رقم سرڪاري ملازم جي نااهلي يا بي ڌياني سبب جمع نہ ٿئي، يا اهڙي ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، تہ پوءِ اها رقم ڪانئس وياج سميت اوڳاڙي لائق هوندي.

فنڊ جو استعمال

5. فنڊ سول سرونٽ جي انشورنس جي ادائگي لاءِ

Utilization of fund

انشورنس ڪمپني يا ٻئي ڪنهن انشوئرر کي فراهم ڪيو ويندو ۽ اهڙي ڪمپني يا انشوئرر جي خرچن سميت، ۽ ان کانپوءِ جيڪڏهن کا رقم فنڊ ۾ بچي ٿي، اها سول سرونٽ جي اهڙي پلائي يا سهولتن لاءِ استعمال ڪئي ويندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ويلفيئر بورڊ جي جوڙجڪ ۽ ان جا اختيار

Constitution and powers of the Welfare Board

6. (1) حڪومت فنڊ جي انتظام لاءِ ٻہ بورڊ جوڙيندي، فنڊ جو هڪ يا حصو I صوبائي ويلفيئر بورڊ نمبر 1 طور ڄاتو ويندو ۽ ٻيو فنڊ جو حصو II صوبائي ويلفيئر بورڊ نمبر 2 طور ڄاتو ويندو.

(2) فنڊ جو حصو I صوبائي ويلفيئر بورڊ نمبر 1 ۽ فنڊ جو حصو II صوبائي ويفيئر بورڊ نمبر 2 ۾ وڌو ويندو.

(3) هن آرڊيننس جي اهڙن قاعدن موجب ۽ حڪومت جي وقت بوقت جاري ٿيندڙ اهڙين هدايتن موجب، صوبائي ويلفيئر بورڊ:

(a) سول سرونٽ جي انشورنس جو انتظام ڪندي جنهن سان اهڙو بورڊ لاڳاپيل هوندو، شيڊول ۾ ڄاڻايل رقمن جي سلسلي ۾، يا وقت بوقت حڪومت اپاران ڄاڻايل رقمن جي سلسلي ۾، اهڙي انشورنس ڪمپني يا ٻئي انشوئرر سان، جيئن بورڊ مناسب سمجهي؛

(b) فنڊ جي لاڳاپيل حصي جي انتظام ۽ معاملن تي آيل خرچ جاري ڪرڻ جو اختيار هوندو، جنهن سان بورڈ لاڳاپيل آهي؛ ۽

(c) ڪري سگهي ٿو يا اهڙين ٻين شين ٿيڻ جو سبب ٻڌجي سگهي ٿو جيڪي مٿي ڄاڻايل اختيارن سان جڙيل ۽ لاڳاپيل هجن يا فنڊن جي مقصدن حاصل

ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

ڊويزنل ويلفيئر بورڊ Divisional Welfare Board

7. حڪومت هر ڊويزن لاءِ هڪ ڊويزنل ويلفيئر بورڊ قائم ڪري سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اهڙو بورڊ قائم ڪيو ويو آهي، تہ اهو اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو فنڊ جي حصي II سان جڙيل جيئن بيان ڪيو ويو هجي يا جيئن بورڊ کي صوبائي ويلفيئر بورڊ نمبر 2 طرفان منتقل ڪيو ويو هجي.

انشورنس ڪمپني سان انتظام Arrangements with insurance company

8. جتي انشورنس ڪمپني يا ڪنهن ٻئي انشوئرر سان دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (3) جي شق (a) موجب انتظام ڪيو ويو آهي، رقم جنهن ۾ سول سرونٽ انشوئرڈ آهي، ان جي فوتگي تي ادا ڪئي ويندي:

(a) سندس ڪٽنب جي اهڙي فرد يا فردن کي جيئن سندس پاران نامزد ڪيا ويا آهن، اهڙن حصن ۾ جيئن فوت ٿي ويل سول سرنٽ پاران نامزدگي ڪرڻ وقت ڄاڻايو ويو هجي؛ يا

(b) جتي سندس فوتگي وقت سندس ڪٽنب ۾ ڪا ڪارگر نامزدگي موجود نہ هجي، ۽ ڪٽنب جي غير موجودگي جي صورت ۾، سندس متاثر مائٽن، جيڪڏهن ڪو هجي، اهڙي طريقي ۽ اهڙن حصن ۾ جيئن پينشن رولز موجب فوت ٿي ويل سول سرونٽ جي گريچوئٽي هجي؛ يا

(c) شقن (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايل ماڻهن جي عدم موجودگي ۾، حد جي عدالت ۾ حاصل ڪيل سڪسيشن سرٽيفڪيٽ رکندڙ کي ڏني ويندي.

قاعدا

9. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ

Rules

قاعدا جوڙي سگھي ٿي.

منسوخي

10. سنڌ گورنمينٽ ايمپلائيز ويلفيئر فنڊ آرڊيننس، 1969 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

Repeal

شيڊول

(ڏسو دفعہ 6)

رقمون جن ۾ مختلف گريڊس جا سول سرونٽس انشوئر ڪيا ويندا:

سول سرونٽس	اشوئر ڪيل رقم
1	2
گريڊ 17 ۽ ان کان مٿي	ويهہ هزار رپيا
گريڊ 16 ۾	پندرنهن هزار رپيا
گريڊ 3 کان 15 تئين بشمول پوليس ڪانسٽيبلس جي	پنج هزار رپيا
گريڊ 1 ۽ 2، سواءِ پوليس ڪانسٽيبلس	ٽي هزار رپيا

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.